SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريه 1973

SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1973

سنڌ (ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي آرڊر، 1957 ترميم) آرڊيننس، 1973

THE SINDH (KARACHI DEVELOPMENT AUTHORITY ORDER, 1957 AMENDMENT) ORDINANCE, 1973

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1957 جي پي او آرڊر نمبر 5 جي آرٽيڪلس 5 ۽ 6 جي ترميم
Amendment of Articles 5 and 6 of P.O Order No.5 of 1957

سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريہ 1973
SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1973
سنڌ (ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي آرڊر، 1957 ترميم) آرڊيننس، 1973
THE SINDH (KARACHI DEVELOPMENT AUTHORITY ORDER, 1957 AMENDMENT) ORDINANCE, 1973

[15 مارچ 1973]

آرڊيننس جنهن ذريعي ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي آرڊر، 1957 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي آرڊر، 1957 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 135 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ (ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي آرڊر، 1957 ترميم) آرڊيننس، 1973 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1957 جي پي او آرڊر

2. ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي آرڊر، 1957 ۾، هيٺين ريت

ترميمون ڪيون ويندين:	نمبر 5 جي آرٽيڪلس 5 ۽ 6 جي ترميم
(i)ڪي ڊي اي آرڊر جي آرٽيڪل 5 جي شق (3) کي ختم ڪيو ويندو.	Amendment of Articles 5 and 6 of P.O Order No.5 of 1957
(ii)آرٽيڪل 6 جي شق (1) ۾ لفظن "دي" ۽ "ڊائريڪٽر جنرل" وچ ۾ لفظ "چيئرمين اينڊ دي" شامل ڪيا ويندا.	
نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.	